
تنهنجي وئي ڪان پوءِ
وايون
علي عابد
ابراهيم ڪرل
حبيب ساجد
پريت پبليڪيشن، خيرپور

# تنهنجي وئي ڪان پوءِ

[وايون : حبيب ساجد، ابراهيم کرل ۽ علي عابد]

ڊجيٽل ايڊيشن:

2019ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب ”**تنهنجي وئي ڪان پوءِ**“ اوهان اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. هي ڪتاب سنڌ جي ٽن خوبصورت شاعرن **حبيب ساجد، ابراهيم ڪرل ۽ علي عابد** جي واين جو مجموعو آهي. ممتاز بخاري لکي ٿو:

”حبيب ساجد، ابراهيم ڪرل ۽ علي عابد پنهنجن جذبن، اڌمن، احساسن ۽ امنگن جي عڪسن کي لفظن جي رنگن سان ڪاڙهي. ڪئنواس تي آٽين ٿا ته وايون روپ وٺن ٿيون. انهن وائين کي توهان تائين پهچائيندي سرهائي محسوس ٿئي پئي، چوته، هي اسان جا اهي شاعرَ آهن، جيڪي سُيان ڏات ۽ قلم جي آڌارَ تي جيون تي چڙهيل ڌَز لاهيندا. “

هي ڪتاب 1993ع ۾ پريت پبليڪيشن، خيرپور پاران ڇپايو ويو. اسان ٿورائتا آهيون پياري حبيب ساجد جا جنهن هي ڪتاب نئين سر ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# پبلشر پاران

حبيب ساجد، ابراهيم ڪرل ۽ علي عابد پنهنجن جذبن، اڌمن، احساسن ۽ امنگن جي عڪسن کي لفظن جي رنگن سان ڪاڳر. ڪئنواس تي آڻين ٿا ته وايون روپ وٺن ٿيون. انهن وائين کي توهان تائين پهچائيندي سرهائي محسوس ٿئي پئي، چوته، هي اسان جا اهي شاعرَ آهن، جيڪي سيان ذات ۽ قلم جي آڌارَ تي جيون تي چڙهيل دز لاهيندا.
هن ”ٿيڙوءَ“ جي ذهني ۽ تخليقي پورهئي توهان کي ڪيترو موهيو ۽ متاثر ڪيو، ان بابت پنهنجو رايو ضرور ڏيندا. اسان جي ڪوشش آهي ته توهان تائين نوجوانن جون تخليقون اسان نوجوانَ گڏجي پهچايون. هي اسان جي اوهان لاءِ پنجين پيٽا آهي، اميد ته لاءِ ماڻيندي.

**ممتاز بخاري**
پوسٽ باڪس نمبر . 102
سکر.

# تعارف

## حبيب ساجد جو تعارف

حبيب ساجد شاعر آهي. اهو شاعر جنهن لاءِ جرمن ليکڪ هرمن هيس چيو هيو ته ”شاعر جي خوابن ۾ اها سندرتا ۽ شائستگي هوندي آهي، جنهن جي ڳولهڻ ۾ اسان ناڪام ويندا آهيون“
حبيب ساجد جي واين ۾ زندگيءَ جا ڀرپور اولڙا آهن، جن کي ڳولهڻ ۾ پڙهندڙ ڪوشش ڪندو ته ناڪام نه ويندو.

**آدرش**
شڪارپور 18 ڊسمبر 1992ع

## ابراهيم ڪرل جو تعارف

ابراهيم ڪرل خيرپور جي هڪ ننڍي ڳوٺ ۾ ڄائو، ننڍپڻ ۾ جواني ڀيڙو ٿيو ۽ شروعاتي تعليم منهنجي ڳوٺ ۾ ئي پرايائين.
شاعريءَ جو هي ڪتاب سندس پهرين اڏام آهي. سندس نج ٻهراڙي جي ماحول ۾ نپجڻ ڪارڻ، سندس ٻوليءَ ۾ ڏاڍو مناس آهي. جنهن مان ٻهراڙيءَ جي سادگي، پيار ۽ پاٻوهه صاف نظر اچي ٿي. سندس شاعريءَ ۾، لفظن ۾ جملن جي جوڙجڪ سندس ئي ماحول جي عڪاسي ڪن ٿا. ابراهيم ڪرل شاعرن جي ڪيپ ۾ نئون نالو ضرور آهي پر ذاتي طرح سان ادبي اميدون وابسطه ڪري سگهان ٿو. ابراهيم ۾ محنت. ڪوشش، شوق ۽ ادب سان انسيت جو عمل دخل آهي، سندس لاءِ دعا آهي ته شاعري ۽ ادب ۾ پاڻ موڪيندو.

**منظور خاموش**
خيرپور 30 ڊسمبر 1992ع

# علي عابد جو تعارف

جڏهن به توهان ڪو اهڙو شخص ڏسو، جيڪو ڳالهائيندي ڳالهائيندي چُپ ٿي وڃي ۽ چرڪ ڀري ٻيهر ڳالهائي ! جنهن جي اکين ڪي ڏسي لڳي ته اهي اکيون ناهن، ٻه پيڙا ورتل ڏک آهن، جنهن جي چهري جي نماڻائي امالڪ ابهم ٻار جي ياد ڏياري ڇڏي، جنهن جي وجود کي ڏسي اماس رات ياد اچي وڃي، سمجهو ته اهو ماڻهو علي عابد آهي.

علي عابد، تنهنجي وجود جي سادگي ۽ لهجي جي سچائي ٻڌائي ٿي ته ڊگهو سفر ڪرڻ وارو آهين. ٻيو ڪو تنهنجو ساٿ ڏئي نه ڏئي پر تنهنجي پريميڪا، تنهنجي شاعري تو ساڻ هلندي.

اسان سڀ جيڪي توکي ۽ تنهنجي شاعريءَ کي پڙهڻ چاهيون ٿا، جيون جي هر موڙ تي دُعا جا هٿ کنيو بيٺا هونداسين. تنهنجي هي ننڍڙي ڪاوش اسان سڀني کي قبول پئي آهي.

**تسليم منگي**

خيرپور 30 جنوري 1993ع

# حبيب ساجد

# جون وايون



# ارپنا

## مان پنهنجيون وايون

## ارپيان ٿو

## پياري نجان ۽ ان جي سندر ۽ سٺين ساهيڙين جي نانءُ

## حبيب ساجد

(ڪوٽ پل، پير جو ڳوٺ)

پوسٽ باڪس نمبر 102 سکر

## مهاڳ:

### اڃان جيئندس مان...
### (حبيب ساجد جون وايون)

حبيبَ جي چاهنا تہ آءٌ سندس وائين تي لکان، سوبہ هڪ پيج ! ، جيڪو مون (سيکراٺَ)جي لاءِ ڪنهن مونجهاري کان گهٽ نہ آهي. مون لاءِ نثر لکڻ ايئن آهي، جيئن صليب تي ٽنگجڻ.
آءٌ حبيب جي وائين تي گهڻو ڪجهہ لکڻ چاهيان پيو، پر (هاءِ، هيءَ هڪ پيج جي پابندي)، آءٌ مجبورن سراجَ جا ڪجهہ لفظ هيٺ نقل ٿو ڪيان..
”ادبَ ۾ شاعريءَ جو هڪڙو ڪارج اهو بہ آهي تہ پڙهندڙ ان تي سوچيندو رهي ۽ ان ۾ ڪردار بڻجندو رهي.“ (مهاڳ . چنڊ چنبيليءَ ول).
... ۽ آءٌ سمجهان ٿو اهوئي ڪارج آهي، جو ڪنهن بہ تخليق لاءِ بنيادي اهميت رکي ٿو ۽ اها خوبي حبيبَ جي وائين ۾ گهڻي ملي ٿي، مثال ڏيندس تہ ڳالهہ هڪ پيج کان وڌي ويندي، اهو سنن پڙهندڙن تي آهي تہ هو ڪيترو سوچي سگهن ٿا ۽ پاڻ کي ڳولهين ٿا. مهان ڪوي شيخ ايازَ چيو آهي تہ نثر هلڻ جيان آهي ۽ شاعري نچڻ جيان ... ۽ منهنجو تَن . مَن، شعور. لاشعور حبيبَ جي وائين سان گڏ گڏ نچي رهيو آ ۽ آنءُ ننڊ . جاڳَ ۾ مسلسل ان ۾ ڪردار بڻجي رهيو آهيان.

**اسد عباسي**
**نئون ڀِنڊ . سکر.**

پنهنجا ماڳَ ڇڏي ، هي
رستا ۾ سنگ ميلَ،
آخر ڪيڏانهن ٺا وڃن !

نيڻن مان آسون پَلي،
سپنا ـ ابابيلَ،
آخر ڪيڏانهن ٺا وڃن !

روپ ٽينڪن جو وني،
ايڏا عزرائيلَ،
آخر ڪيڏانهن ٺا وڃن !

جيون جي آفيس مان،
مُرڪن جا فائيلَ،
آخر ڪيڏانهن ٺا وڃن !

ڏسئون، ڌرتيءَ تان اهي،
اڏري ميزائيلَ،
آخر ڪيڏانهن ٺا وڃن !

***

هڪڙي آکيري جا،
سندر خوابَ، سيئي،
سانئڻ ! تون تہ وساري وينينءَ.

جنهنجو، جيون "تون" رڳو،
اڄ، انهيءَ کي ئي،
سانئڻ ! تون تہ وساري وينينءَ.

ڪيئن چوان، مان ڪيئن چوان،
مون سان پيار ڪيئي،
سانئڻ ! تون تہ وساري وينينءَ.

سالگره جي شام پيِ،
چُپ، چُپ گذري وئي،
سانئڻ ! تون تہ وساري وينينءَ.

***

نيا واري ڇوڪري!
ڇا مان ونجهه رڪان،
تنهنجيءَ ترِيءَ تي.

ڇپن سان، چاهيان ٿو مان،
چندَ ٻه ٿي ناهيان،
تنهنجيءَ ترِيءَ تي.

ڪاش، ايئين ٿئي، آنءُ پيي،
ترَ جيان تڙپان،
تنهنجيءَ ترِيءَ تي.

ريڪائن جي راند ۾،
شالَ، نه هارايان،
تنهنجيءَ ترِيءَ تي.
***

تنهنجو خط مليو،
پرين! ائينَ لڳو،
اجان جيئندس مان.

مرڪن واريءَ جو آهي،
ڪرڙو اوسيئڙو،
اجان جيئندس مان.

ڪوئي قبرستانَ مان،
ايئن چئي موٽيو،
اجان جيئندس مان.

نندَ ـ شهرَ ۾ دوستَ! ٻڌم،
ڪوئي اڄ ايندو،
اجان جيئندس مان.

ڪوئي ڪئنسر واردَ ۾،
آهستي پُٽڪيو،
اجان جيئندس مان.

هوءَ اچي پئي، موتَ ڙي،
ٻه ٽي منٽَ ، رڳو،
اجان جيئندس مان.

***

الا ! ايئن نہ ٿئي،
پَن پَن تي وکري،
منهنجي جيونَ ۔ ڊائري.

پئي هر هڪ پيجَ تي،
توکي ياد ڪري،
منهنجي جيونَ ۔ ڊائري.

مون کان پڇي وڌ، اي پرين !
توکي ٿي ڄاڻي،
منهنجي جيونَ ۔ ڊائري.

هرڪو هتڙي، اوپرو،
مون سان بس، آهي،
منهنجي جيونَ ۔ ڊائري.

ڪاش، ائين جي ٿي پوي،
پرين ، پاڻ پڙهي،
منهنجي جيونَ ۔ ڊائري.

***

جنهن جو ناءُ چريا !
چمي روئي پئين ٿو،
تون ته انهيءَ کي ياد به ناهين.

سارو ڏينهن ، شهرَ ۾،
جنهن کي ڳولهين ٿو،
تون ته انهيءَ کي ياد به ناهين.

جنهن سنگ، ننڊڙي گهرَ جاءِ
سپنا ڏسين ٿو،
تون ته انهيءَ کي ياد به ناهين.

شاعرَ ! جنهن جي لاءِ پيو،
وايون سرجين ٿو،
تون ته انهيءَ کي ياد به ناهين.

***

ٽُنهنجو شايد ماڳَ هتي،
آنءُ تہ اجان اڳتي ويندس.

پنهنجي پرينءَ کان، سپنن جا،
سندر ڏيئڙا ٻاريندي،
آنءُ تہ اجان اڳتي ويندس.

جيونَ ! تنهنجي راهن تان،
وکريل ڪاوا ميڙيندي،
آنءُ تہ اجان اڳتي ويندس.

ڏاڍو ڏور، پرينَ جو گهر آ،
لاٿ ـ ستارا ساٿ ڪري،
آنءُ تہ اجان اڳتي ويندس.

چندَ! پلي تون بيهي رهہ،
تورو، هتڙي ساهُ پٽي،
آنءُ تہ اجان اڳتي ويندس.

موتَ جي سرحدَ کان پي دوستَ !
پرتي، ۽ ڪئي ڪوهَ پري،
آنءُ تہ اجان اڳتي ويندس.

***

جڏهن ٻہ تنهنجا خطَ پڙهياسي،
نينڊ اسان جا آلا ٿي ويا،

ٽِشو پيپر تي چِٽيل هئا،
تنهنجا ڳاڙها چَپَ چمياسي،
نينڊ اسان جا آلا ٿي ويا،

رُلي رُلي شهرُ، جيئن جو،
تنهنجي گهٽيءَ منجهہ پُڳاسي،
نينڊ اسان جا آلا ٿي ويا،

سالن کان پوءِ، پنهنجي هٿن ۾ ،
تنهنجا ٽڏڙا هَٿَ وتاسي،
نينڊ اسان جا آلا ٿي ويا،

پنهنجي ڊائريءَ ۾ جڏهن پيي،
تنهنجا لکيل لفظَ ڏٺاسي،
نينڊ اسان جا آلا ٿي ويا.

***

توڏي خطَ لکيم،
ايڏا، هي هٽڙا،
ٽڪجي پيا هن ساجده !

جيون پر هي گڏ رهيا،
هاٽي هي لمحا،
ٽڪجي پيا هن ساجده !

چمڻ مهلَ لڳو، ايئن
تنهنجا چپڙا، ها
ٽڪجي پيا هن ساجده !

ڪيڏا وزني قلفَ، هي
دل جا دروازا،
ٽڪجي پيا هن ساجده !

ڪاش ملي پئين اوچتو،
ديپڪَ نيڻن جا،
ٽڪجي پيا هن ساجده !

***

تنهنجي چپن تي اچي،
ٿهڪَ مهانگا ٿي ويا.

مان هڪ سچو اجنبي،
سگهندس، ڪيئن ڳنهي،
ٿهڪَ مهانگا ٿي ويا.

تون جو، هلي وئينءَ رُسي،
توڪان پوءِ مني !
ٿهڪَ مهانگا ٿي ويا.

سِڪا سِڪا گيتَ وٺي،
مرڪَ جڏهن موٽي،
ٿهڪَ مهانگا ٿي ويا.

هرڪو هٿ ڪِلي پيو،
رڳو منهنجي ڪاڻِ ئي،
ٿهڪَ مهانگا ٿي ويا.

مرڪن واري، ماڻِ ۾،
ٻي ڪنهن ديسِ هلي،
ٿهڪَ مهانگا ٿي ويا.

***

ڪٽندي خوفَ تئي،
اخبارون ڏيڇارن ٿيون.

هرڪا خبرَ، جڻ تہ تي،
دهشتَ ڦهلائي،
اخبارون ڏيڇارن ٿيون.

سُرخين جي سوڙهہ ۾،
چاهتَ پئي چِٽجي،
اخبارون ڏيڇارن ٿيون.

انن پنن پيجن تي پئي،
ڪيڏي باهہ ٻري،
اخبارون ڏيڇارن ٿيون.

ڪالمُ، ڪاش ڪوئي
پيارَ جو بہ هجي،
اخبارون ڏيڇارن ٿيون.

***

تنهنجي وئي کان پوءِ
منهنجي جيونَ جا
ديپَ اجهامي ويا.

مون تہ يَڪو پئي ڳولهيو،
ٽڪجي، رستن جا
ديپَ اجهامي ويا.

توڏي ايڏا خَطَ لکيم،
منهنجي نيڻن جا
ديپَ اجهامي ويا.

ڏُور رنيون شرنائيون،
آخر، سپنن جا
ديپَ اجهامي ويا.
***

منهنجي نيٽن مانءِ مٺي !
توڏانهن پيا ايندا،
لڙڪن جا تحفا.

ڪولي ڏسجانءِ تونءِ منهنجي
خطن تي هوندا،
لڙڪن جا تحفا.

رات رنو آ ڪو يڪو،
صبحَ، گلن تي هئا،
لڙڪن جا تحفا.

تولءِ، تنهايُن ۾،
ڪيڏا گڏ ٿي ويا،
لڙڪن جا تحفا.

پرين ! توکي گفتِ ۾،
ڏيندس هي پنهنجا،
لڙڪن جا تحفا.

***

تنهنجي شاديءَ رات،
سپنا، نيڻ وڄائي ويٺا.

تنهنجو ناءُ ڪٽي ڪٽي،
ڏنگَ هنيا جو ڏاتِ ،
سپنا، نيڻ وڄائي ويٺا.

منهنجي پرينءَ جي جڏهن،
ڪنئي وئي باراتِ،
سپنا، نيڻ وڄائي ويٺا.

”خوشبوءَ جي سنگ سنگ“ نظم،
وڳو پئي اڌ ـ راتِ ،
سپنا، نيڻ وڄائي ويٺا.

منهنجي لڙڪن ڪي چُمي،
پڌري ٿي پرياتِ،
سپنا، نيڻ وڄائي ويٺا.

***

جيون جو ڪئلاش،
تنهنجي پيرن ۾ پرين !

چنڊَ ۔ ستارا ڇاهه
ساروئي آڪاش،
تنهنجي پيرن ۾ پرين !

بي وس سپنن جو پيل،
چيٿاڙيل هو لاش،
تنهنجي پيرن ۾ پرين !

آهي آئينو اهو،
پيارُ نہ ٿي پئي پاش،
تنهنجي پيرن ۾ پرين !

سڏڪي جيئڻ کان، پلو
موت ملي پئي ڪاش !
تنهنجي پيرن ۾ پرين !

***

تنهنجو ناءُ پرينئڙا !
ڪنيم ڇاہ ڄڻ ڪاہ
باھ ٻري پئي آهي !!

آڪيرو ان شاخَ تيءِ
اڏيئيءِ جتِ چريا !
باھ ٻري پئي آهي !!

جسمن جي بازارِ ۾ءِ
آخرءِ ڳِنهجي ڇا !
باھ ٻري پئي آهي !!

جتي ساوا ڪيتَ هياہ
اتي اڄُءِ خدا !
باھ ٻري پئي آهي !!
***

اڄ، تون ڏس ٽئگورَ !،
تنهنجو، هيءَ گيتانجلي،
رديءَ منجهه وڪامي پيو،

صدين جنهن کي پوڄيو،
هيءُ اهو انسانُ ٿي،
رديءَ منجهه وڪامي پيو،

يار! اسان جو ناﺀُ ڇا،
هتي ناﺀُ، خدا جوئي،
رديءَ منجهه وڪامي پيو،

رشتن جي بازار ۾،
مٺي ! پنهنجو پيارُ پڻ،
رديءَ منجهه وڪامي پيو،

***

جتان تون وڇڙي وئينءَ،
سانئڻ اڄ بہ اتان،
سورج، ايري ئي نہ ٿو.

لِڪي بيٺي آهي هوءَ،
دروازي پويان،
سورج، ايري ئي نہ ٿو.

سوچيم، توتي سانوري !
هڪڙو گيت لکان،
سورج، ايري ئي نہ ٿو.

يارَ ! اُپاريون هاڻ ڪو،
پنهنجو چندر مان،
سورج، ايري ئي نہ ٿو.

***

مان ڇڻ بور غزل،
۽ تون وائي شاهہ جي.

توڪي آڇي تو، چريو،
منڙو مرجهايل،
۽ تون وائي شاهہ جي.

پنهنجو جيون آ، ايئن
جيئن ڪو پَنُ سڪل،
۽ تون وائي شاهہ جي.

هُو تہ بهارن ۾ بہ هو،
ويچارو پٽڪيل،
۽ تون وائي شاهہ جي.

ڪاٿي رهندينءَ تون، پرين !
دل جو گهر ڊٺل،
۽ تون وائي شاهہ جي.

****

# ابراهيم ڪرلَ

# جون وايون



# ارپيان ٿو

4 مارچ تي وهندڙ ريٽي رتُ

۽

5 مارچ جي سوپ واري ڏينهن کي.

ابراهيم کرل

# هڪڙي نئين اڏام...

لفظ، هوندئن تہ بي معني هوندا آهن، پر تخليقڪار جي سوچَ جي هٿن جي ڇُهاءُ سان با معني ٿي پوندا آهن، ايئن جڏهن شاعر جي ذهن ۾ خوبصورت اکرن، احساسن ۽ موسيقي جو ميلاپ ٿيندو آهي، تہ شعرَ جنم وٺندا آهن. سگهاري خيالَ وارا، رڌم سان ڀرپور شعرَ.

فني حوالي سان ڪجھ ناپختگيءَ جي باوجود، نئين ٽهيءَ جي شاعري پنهنجي فڪري سگھہ، نون منفرد خيالن ۽ گهاڙيٽن سبب ساراهڻ جهڙي آهي. شاعرن جي هن تازي تواني کيپَ ۾ ڪيترا نہ لنوائڻ جهڙا نالا آهن ۽ اهڙا بہ جيڪي متائين اڏامَ لاءِ پنهنجا پرَ ساهي رهيا آهن. ابراهيم ڪرل بہ اهڙو ئي هڪ پکيئڙو آهي، جنهنجي سامهون تخليقي . اپ جون وسعتون آهن ۽ گهڻو وقت پري تائين اڏامڻ جو عزم بہ، جنهنجا عڪسَ اسان کي، سندس وائين ۾ گهڻن هنڌن تي نظر اچن ٿا.

وائي، جي ڪلاسيڪل صنف، نئين وائيءَ جي روپَ ۾، نظم ۽ غزل جيان اڄ جي مقبول صنف بڻجي وئي آهي. نئين ٽهيءَ جا لڳ ڀڳ سمورا شاعرَ، وائيءَ جي ان نئين رنگ ۽ روپَ کي پنهنجو ڪري چڪا آهن. ابراهيم ڪرل نہ رڳو سندن ساٿ ڏنو آهي، پر وائين جي هن گڏيل ڪتابَ ذريعي هن تخليقي عمل ۾ پنهنجي پتي بہ ڳنڍي آهي. جنهن کي اوس اڳتي وڌندو رهڻو آهي، ۽ پنهنجي تخليقڪار کي مالامال ڪرڻو آهي.

**اياز گل.**

منهنجي جيونَ ۾ ،
تنهنجي ڇنيءَ جو،
مانُ وڏو آهي.

هن سموري شهر ۾،
تنهنجي گهٽيءَ جو،
مانُ وڏو آهي.

تنهنجي تخت ۽ تاجَ کان،
سنڌ جي مٽيءَ جو،
مانُ وڏو آهي.

منهنجي ڪاوڙ ڇا آهي،
تنهنجي ڪِٽيءَ جو،
مانُ وڏو آهي.
***

ٻين جي ڳالهين ۾ لڳي،
ساريون محبتون،
داوَ لڳائي ويئنءَ !

ساهہ ۾ سانڍيون سين،
منڙي چاهتون،
داوَ لڳائي ويئنءَ !

ڪل ۾ رسامن، درد جون،
سيئي ساعتون،
داوَ لڳائي ويئنءَ !

محبتون تہ، نہ رهيون،
ويندي نفرتون،
داوَ لڳائي ويئنءَ !

***

توکان سپرين هاڻ،
اداس نيڻن جي،
مان خيرات گھُران ٿو.

محبتن جي موٽ ۾،
مليل مھڻن جي،
مان خيرات گھُران ٿو.

بيٺل تنهنجي منَ تي،
سيني پھرن جي،
مان خيرات گھُران ٿو.

تنهنجو ڪندي طوافُ،
چوڏس ڦيرن جي،
مان خيرات گھُران ٿو.

ڪنهن ڏينهن ايندا مون طرف،
ڪنيل پيرن جي،
مان خيرات گھُران ٿو.

***

مرڪَ چپن تي هوندي،
تنهنجي آلي رئي تي،
مُنجهي پوندو آهيان مان.

ٻارڻ ڪو ٻاري چڙهيان،
وري پنهنجي چئي تي،
مُنجهي پوندو آهيان مان.

هر هر روئاري سائنڻ !
توسان ايئن ڪئي تي،
مُنجهي پوندو آهيان مان.

****

منهنجي جيون ۾،
سورن جو سامانُ،
وڪريو پيو آهي !

هيڪل ڪمري ۾،
گلن سان گلدانُ،
وڪريو پيو آهي !

ٻاهر خوش خوش آهيان،
اندر جو انسان،
وڪريو پيو آهي !

ڏاڙيلن جي ڏيهہ ۾،
پٽ مٿان قرآن،
وڪريو پيو آهي !

خالي منهنجو جهول ۾،
توکان مليل دانُ،
وڪريو پيو آهي !

****

محبت ماٺ نہ ٿيءِ
سورن جو سفرُ
ڪُٺي ئي ڪين ٿو!

توکان ڏور مٺي !
هڪڙو پيو پهرُ
ڪُٺي ئي ڪين ٿو!

ڪيئي هن سقراط پر،
يادن جو زهرُ
ڪُٺي ئي ڪين ٿو!

رستا سارا اجنبي،
تنهنجو هي شهرُ
ڪُٺي ئي ڪين ٿو!

****

منظرَ گم ويا تي،
نيٽن جي شهرَ تي،
تالو لڳي ويو آ !

هڪ تنهنجو ئي گهر هو،
ان جي بہ درَ تي،
تالو لڳي ويو آ !

ڪيڏو اوسيئڙو پرين !
جڻ تہ پهرَ پهرَ تي،
تالو لڳي ويو آ !

ڊيمَ پيا ٽهن ٿا،
سنڌوءَ لهر لهرَ تي،
تالو لڳي ويو آ !

****

تنهنجو ٿيندو آهي،
سڪڻو ئي ديدار،
نٿهڻ اُسَ ۾ !

ميلي تي وڃڻ لاءِ،
پڌرَ تي روئي ٻارُ،
نٿهڻ اُسَ ۾ !

جوان عورت ٿي وڃي،
اڳي لئہ درٻار،
نٿهڻ اُسَ ۾ !

ڪڙمي لڳ اگهاڙئين،
رونبي جي وانگار،
نٿهڻ اُسَ ۾ !

****

مونسان منهنجو جيءُ
ڪيڏو وڙهي ٿو ؟

جهوپا جهوپا زندگي،
اوچڻ بنا سيءُ
ڪيڏو وڙهي ٿو ؟

سڏڪي پيو ٻارڙو،
ساٽس پيو پيءُ
ڪيڏو وڙهي ٿو ؟

تنهنجو هي جملو پرين !
“هُن جو وجي ٿيءُ”
ڪيڏو وڙهي ٿو ؟

****

دل جا دردَ ۽ ڏکَ
هر ڪنهن سان ونڊڻ،
گهرجن ڀلا ڇو ؟

جيڪو پاڻ ڇڏي ويو،
ان جا ڦوٽو چنڊڻ،
گهرجن ڀلا ڇو ؟

وئي کان پوءِ دلاسا،
هينئي سان هنڊڻ،
گهرجن ڀلا ڇو ؟

ڇني جي ناتا وئين،
اهي يارَ ڳنڍڻ،
گهرجن ڀلا ڇو ؟

***

منهنجي خطَ جو مانُ،
تنهنجيءَ پرس ۾،
وڌي ويندو آ !

اوسيئڙي جو مزو،
“تورو نہ ترس” ۾،
وڌي ويندو آ !

مريضن جو ڌيانُ تہ،
سهڻي نرس ۾،
وڌي ويندو آ !

چاهہ هي ٻڌي ڪري،
سونهن اتس سرس ۾،
وڌي ويندو آ !

****

ميزَ تي ڪوپَ ۾
چانهہ جيان ٺري،
وٽي آهي زندگي !

حقيقتن جو زهر پي،
سقراطَ جيان مري،
وٽي آهي زندگي !

ياد لڙڪن سان ملي،
ڪندِ جيان ڳري،
وٽي آهي زندگي !

عشق جي چٽنگَ سان،
پيٽرول جيان ٻري،
وٽي آهي زندگي !

****

ڪيئن ٽيون چڪياءِ
چڙهن چاهتون،
پابندين جي اوٽ ۾ !

نفرتن سان پيون،
سڙن ساعتون،
پابندين جي اوٽ ۾ !

روح ريلا رت جاءِ
سڏڪن راحتون،
پابندين جي اوٽ ۾ !

هوريان هوريان ئي وڌن،
پيون رفاقتون،
پابندين جي اوٽ ۾ !

****

شهر جي گهٽين ۾
توکي ڳولهيان ٿو !

ميز، مان ۽ ڊائريون،
وکريل چنين ۾
توکي ڳولهيان ٿو !

ننڊَ ئي رسي وئي،
اداس اکين ۾
توکي ڳولهيان ٿو !

ڦوٽن ۽ رومال تي،
ڏنل مِنين ۾
توکي ڳولهيان ٿو !

****

منهنجي جيونَ ۾،
آس ۽ نراس
لڙڪيل ڇو آهي ؟

ساري ڏيهه ۾ سوجهرو،
سنڌڙي منجهه اماس،
لڙڪيل ڇو آهي ؟

ڪيڏو ڏاڍ غريب سان،
تو وٽ هي احساس،
لڙڪيل ڇو آهي ؟

عشق ڪان تہ روزو آ،
پوءِ نڙيءَ ۾ پياس،
لڙڪيل ڇو آهي ؟
***

ڪڏهن ڪڏهن منڙا !،
ماٺ ۔ نظارن سان،
جاڳي ڏس تہ تون !

اوسيئڙي ۾ ڳٽبا آهن،
چنڊ ستارن سان،
جاڳي ڏس تہ تون !

ڪيڏا ٿو ارمان لوڙهي،
سنڌوءَ ڪنارن سان،
جاڳي ڏس تہ تون !

ڪنهن لاءِ نيڻ وڇائي،
سجن چارن سان،
جاڳي ڏس تہ تون !

***

دردَ صحرا ۾،
گل ٽڙيو آهي،
تنهنجي اچڻ سان.

منهنجي اڱڻَ تي،
چندبِ ڪڙيو آهي،
تنهنجي اچڻ سان.

پيارَ جو ويري،
لوڪ سڙيو آهي،
تنهنجي اچڻ سان.

صدين ڪان رٺل،
ڀاڳ لڙيو آهي،
تنهنجي اچڻ سان.

****

ڪمرا گھر گھٽيون،
آهن سڀ ويران،
تنهنجي وئي ڪان پوءِ !

گلن هوندي ٻي،
خالي جڻ گلدان،
تنهنجي وئي ڪان پوءِ !

اوندهه ڪمرو، بند هن،
سارا روشندان،
تنهنجي وئي ڪان پوءِ !

اڪثرين ۾ آهن پرين !
لڙڪَ ٿيا مهمان،
تنهنجي وئي ڪان پوءِ !

”ڇڏي ويس“ جا لفظ ئي،
ٻڌيا آهن ڪان،
تنهنجي وئي ڪان پوءِ !

****

غيرن جي گهيرن ۾،
ماڻهو وڪوڙجي ويا !

سنئين سڌي هئي زندگي،
چوڏس ڦيرن ۾،
ماڻهو وڪوڙجي ويا !

سودا ٿيا ضميرَ جا،
سياست آڪيرن ۾،
ماڻهو وڪوڙجي ويا !

بيروزگاري ۽ بک،
ڪپڙن ميرن ۾،
ماڻهو وڪوڙجي ويا !

***

تو سنگ ساٿي،
گھاريل ڏينهڙا،
ڏنگيندا رهن ٿا !

تنها جي آهن،
وچڙيل هينئڙا،
ڏنگيندا رهن ٿا!

نہ ٿا جي وسن،
ترين مينهڙا،
ڏنگيندا رهن ٿا!

اجان نانگ ڪارا،
ديسي جوڳيئڙا،
ڏنگيندا رهن ٿا!

***

# علي عابد سومرو

# جون وايون



# ارپنا

## تنهنجي ناءُ

## علي عابد

تنهنجي ڪاپيءَ ۾،
ٽشوپيپر جان،
توکان مان وسري ويس.

پوسٽ مين به ويو،
خاليءَ گهر وٽان،
توکان مان وسري ويس.

نياپا ڪونه ڏنا،
تنهنجا چندرمان ،
توکان مان وسري ويس.
***

تنهنجي نانءَ بناءِ
منهنجو نانءُ پرين !
ڄڻ ڪو نانءُ نہ آ.

توبن منهنجي ذات ءِ
منهنجو ڏانءُ پرين !
ڄڻ ڪو ڏانءُ نہ آ.

هي ڪنهن لئہ هرڪي نہ ٿوءِ
منهنجو هانءُ پرين !
ڄڻ ڪو هانءُ نہ آ.
***

ڪنهن سان ڳالهايان،
تنهنجي وئي ڪان پوءِ.

ڪيڏو تنها تنها،
جاني مان آهيان،
تنهنجي وئي ڪان پوءِ.

پنهنجيءَ چريءَ دل کي،
ڪيئن مان سمجهايان،
تنهنجي وئي ڪان پوءِ.

هاڻي مون ڄاتو،
ڪجهه بہ تہ ناهيان،
تنهنجي وئي ڪان پوءِ.

هر ڪنهن آڏو توکي،
ويٺو ساراهيان،
تنهنجي وئي ڪان پوءِ.

***

نسريا آهن سرَ،
آئين ڪونہ اجان.

تنهنجي اوسيئڙي ۾،
ڪليل آهن درَ،
آئين ڪونہ اجان.

ڪرفيوءَ ۾ بہ هاڻي،
ٿي وئي آ ڍرَ،
آئين ڪونہ اجان.

وڇڙيل ونين سان،
مليا پنهنجا ورَ،
آئين ڪونہ اجان.

***

تنهنجا مون ڏي خطَ،
خطن مٿان خطَ،
شايد وسري ويا اٿئي.

تن ۾ پنهنجي پيارَ جا،
ڏنا هيئي جي ثَبتَ،
شايد وسري ويا اٿئي.

هاڪس بي تي هلندي،
وڳا ها جي سٽَ،
شايد وسري ويا اٿئي.

پنهنجي پيارَ ۾،
وڌا ها جي شرطَ،
شايد وسري ويا اٿئي.

***

دردَ جاڳي ٿا پون،
فيڪلٽيءَ ايندي.

ڪاريڊورَ ۾ اولڙا،
اڄ بہ ساڳي ٿا پون،
فيڪلٽيءَ ايندي.

توبنا ليڪچر ذهن ۾،
روز وچڙي ٿا پون،
فيڪلٽيءَ ايندي.

گرلز ڪامن رومَ ڏي،
نيڻ ڇڪجي ٿا پون،
فيڪلٽيءَ ايندي.

***

جذبن کي جهوري،
اکڙيون وجهنديون آهن.

حالَ سيپيئي دل جا،
هڪ پل ۾ اوري،
اکڙيون وجهنديون آهن.

جبلَ جيڏا ماڻهو،
پيندَ جيان پوري،
اکڙيون وجهنديون آهن.

چوريءَ چئن لُٽي،
چاهتَ کي چوري،
اکڙيون وجهنديون آهن.

***

سمنڊ جون ڇوليون،
تنهنجا نياپا ٽيون آڻين.

ورندڙ سانجهيءَ ويل جو،
پکين جون ٻوليون،
تنهنجا نياپا ٽيون آڻين.

ڪرفيوءَ هوندي شهر ۾،
هلندڙ هي گوليون،
تنهنجا نياپا ٽيون آڻين.

عيدون، تهوارون،
ساوڻ ۾ هوليون،
تنهنجا نياپا ٽيون آڻين.

***

محبت ناهي مُور،
پنهنجي وستيءَ ۾.

ماڻهو، ماڻهوءَ کان،
ڪيڏو آهي ڏور،
پنهنجي وستيءَ ۾.

سچ ٻڌڻ کان هرڪو،
وجي ٿو وهلور،
پنهنجي وستيءَ ۾.

هيٺي ڏي هر ڪو ڪاهي،
ڏاڍي کان سڀ ڏور،
پنهنجي وستيءَ ۾.

محبت ۾ ملندءِ،
منڙا سڪڻو سور،
پنهنجي وستيءَ ۾.

***

ڪنهن لئہ ڪرين پئي،
اجان اوجاڳا !

موٽي مور نہ ايندي،
هيءَ جا ويلَ وئي،
اجان اوجاڳا !

ڪراچيءَ جي ڪوسَ جي
هن جا ڳالھ ڪئي،
اجان اوجاڳا !

ڏسي پيار ڪندي،
ماريئون راتِ ٻئي،
اجان اوجاڳا !

ڪينجهر ڪان ڪارونجهر،
تي آ سانت وئي،
اجان اوجاڳا !

***

سپرين ! تنهنجي سارَ،
آئي ساڻ ٻيلي ۾.

هر طرف هوا ۾ پئي،
تنهنجي ئي هٻڪارَ،
آئي ساڻ ٻيلي ۾.

ناوَ هلائيندڙ نينگري،
جڏهن چوڙي وارَ،
آئي ساڻ ٻيلي ۾.

ديوتا آڏو جهڪي،
هوءَ سمهاري ٻارَ،
آئي ساڻ ٻيلي ۾.

***

هر هڪ سڪيءَ سان،
ڳالهيون ڪنهن جون ٿي ڪرين ؟

اڱڻ تي اڏري
آيلَ پکيَ سان،
ڳالهيون ڪنهن جون ٿي ڪرين ؟

پاڙي واري پنهنجي،
مائي رکيءَ سان،
ڳالهيون ڪنهن جون ٿي ڪرين ؟

ڊرَ ڏئي وري،
ساهي تکيءَ سان ،
ڳالهيون ڪنهن جون ٿي ڪرين ؟

***

ڪيڏا اهنجا آهن،
تنهنجي گهر جا رستا.

توڙي جو هن اوپرا،
لڳندا پنهنجا آهن،
تنهنجي گهر جا رستا.

ايڏا وياڪل هي،
آتا ڪنهنجا آهن،
تنهنجي گهر جا رستا.

هاڻ تڪيندي ٿڪجي پيا،
نيڻَ جي جنهنجا آهن،
تنهنجي گهر جا رستا.

***

يونيورسٽيءَ جا ڏينهن،
ڪيڏا ياد پون ٿا.

سينٽرل لان، تون ۽ مان،
مٿان وسيا مينهن،
ڪيڏا ياد پون ٿا.

پنهنجو پهريون ميلُ ۽
پنهنجا نوان نينهن،
ڪيڏا ياد پون ٿا.

***

ڪنهن سان ڪلندين تون،
منهنجي وئي ڪان پوءِ.

سڀ ڪجهه لڳندئي اوپرو،
جيڏانهن ڏسندين تون،
منهنجي وئي ڪان پوءِ.

فيڪلٽيءَ ۾ پيءِ،
ايئن پيو رلندين تون،
منهنجي وئي ڪان پوءِ.

ليڪچر بہ نہ سائين،
سمجهي سگهندين تون،
منهنجي وئي ڪان پوءِ.

ڪنهن سان ڪينٽين تي،
هاٽي ويهندين تون،
منهنجي وئي ڪان پوءِ.
ياد منهنجي ايندءِ،
روئي پوندين تون،
منهنجي وئي ڪان پوءِ.
***

وقت وڃائڻ مان،
توکي چاهڻ مان،
مون کي ڪجهه نه مليو.

دوستَ تنهنجي بي رخي،
ڀاڪرُ پائڻ مان،
مون کي ڪجهه نه مليو.

پنهنجي اجائي،
سڪَ سرچائڻ مان،
مون کي ڪجهه نه مليو.

توسان پنهنجي نيڻن کي،
ايئن اٽڪائڻ مان،
مون کي ڪجهه نه مليو.

***

پنهنجا ٽين ميلَ،
سنڌوءَ ڪناري.

جيڪر اچين تون،
ساوڻ سان گڏ هيلَ،
سنڌوءَ ڪناري.

توبن کهڙو آ گلاب،
۽ کهڙو رابيل،
سنڌوءَ ڪناري.

پيارَ وارن مرڪي،
نينهن جا پاتا نيلَ،
سنڌوءَ ڪناري.

***

سايپيائن جي ديسَ ۾،
هيڪل کو سپنو،
اجان پٿڪي پيو.

جڳُ ستو سارو،
پاڳل کو جگنو،
اجان پٿڪي پيو.

رت ٻڏل لاشو،
ڪنهن جو بي ڪفنو،
اجان پٿڪي پيو.

هي جو ڏرتيءَ تي،
ڄائو ۽ نپنو،
اجان پٿڪي پيو.